الطاف حسين جوکيو

# سنڌي صورتخطيءَ ۾ عربي لفظن جي بدليل صورت جو معاملو


## *Abstract:*

**The issue of altered form of Arabic words in Sindhi Orthography**

*Many Arabic words have been assimilated in Sindhi language both, with and without alteration. In this regard, according to the nature of Sindhi language, words with same pronunciation and different orthographical form create complexity because of change in sense, like:* كثر/ كسر; *On the other hand, there is an orthographical change but there is no possibility of change of meaning like:* بصل/ بصر.

*In this paper words of the altered forms are included, which are under consideration for the preferential forms during the 1913 to 2008. In 2008, these words were again put forward to scholars/writers for the preferential forms, who presented their views regarding the matter. As a result, a committee was assigned to examine their forms by Sindhi Language Authority but due to some grounds the committee couldn't reach final choice. It failed to generate a final proposition. Under this title, according to different time periods, words with the altered forms are considered for Study.*

While analyzing Arabic words, following points emerged:

1. *Using some altered Arabic words, does not lead to any formal or conceptual complications in usage of other concerned Arabic meter words in Sindhi because of the change of consonant/ grapheme, like:* جثو/ جسو, سعيو/ سايو, ضعيفہ/ زائفان, محل/ مهل, بصل, بصر.
2. *Due to change of altered Arabic consonant/ grapheme, there would be complication in meaning because of Sindhi socio-language, such as:* ضعيفہ/ زائفان, محل/ مهل, سعيو/ سايو.

*The altered sounds/consonants of certain Arabic words used in Sindhi language, create no confusion in Sindhi language, such as:* بصل/ بصر, بقل/ بڪر, قفل/ ڪلف/ ڪرف, صبحاڻي/ سياڻي.

*On the basis of the analyzed points, following study is put forward.*


**سنڌي** صورتخطيءَ ۾ عربي لفظن جي بدليل صورت جي معاملي جي عنوان هيٺ جيڪي لفظ رکيا ويا آهن، تن جون مختلف وقتن ۾ صورتون متعيّن ڪيون ويون ۽ 2008ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ٻيهر ترجيحي صورتن لاءِ عالمن/ استادن اڳيان رکيون ويون. ڪافي عالمن جا رايا سامهون آيا، انهن جي ڇنڊڇاڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي وئي ته جيئن هڪ صورت متعيّن ڪئي وڃي، پر ڪن سببن ڪري





ان ڪاميٽيءَ جي حتمي راءِ جو اجراءُ نہ ٿي سگهيو آهي. هيٺ چند لفظن کي هڪ گروهہ ۾ شامل ڪري، مختلف دؤرن موجب رکجي ٿو:

1913ع

| پيش ڪيل | ترجيحي صورت |
|---|---|
| جثو/ جسو | جسو |
| سايو/ سعيو | سعيو |
| ضعيفہ/ زائفان | زائفان |
| محل/ مهل | مهل |
| بصل/ بصر | بصر |
| بقل/ بڪر | بڪر |
| ڪلف/ ڪرف | ٻئي |

1915ع

| پيش ڪيل | ترجيحي |
|---|---|
| ----- | ----- |
| ----- | ----- |
| ----- | ----- |
| ----- | ----- |
| ----- | ----- |
| صبحاڻي/ سياڻي | صبحاڻي |
| ڪلف/ ڪرف/ قفل | ڪلف |

2008ع

(2008ع ۾ لئنگئيج اٿارٽي پاران منعقد ڪرايل مذاڪري مطابق)[1] ۽

| پيش ڪيل | اڪثريتي راءِ |
|---|---|
| جثو/ جسو | جسو |
| سايو/ سعيو | سعيو |
| ضعيفہ/ زائفان | زائفان |
| محل/ مهل | معنوي فرق |
| ڪلف/ ڪرف | ڪلف |

اٿارٽيءَ جي مقرره ڪاميٽيءَ جو ترجيحي صورتن وارو ڪم رڪيل آهي.

## سنڌي صورتخطيءَ ۾ عربي لفظن جي بدليل صورت جو جائزو:

چند لفظ هڪ گروهہ ۾ رکيا ويا آهن، تن کي هيٺين خاصيتن سبب گڏيو ويو آهي:

1. اهڙا عربي لفظ جن جي آوازن/ وينجنن مٽڻ سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ واسطيدار ٻين عربي لفظن جي استعمال ڪرڻ سان ڪو مونجهارو نہ ٿو ٿئي؛ پهرين خاصيت ۾ هي لفظ ڳڻي سگهجن ٿا: جثو/ جسو، سعيو/ سايو، ضعيفہ/ زائفان، محل/ مهل، بصل/ بصر.
2. اهڙا عربي لفظ جن جي آوازن/ وينجنن مٽڻ سان سنڌي سماجي ٻوليءَ جي لفظن ۾ معنوي فرق جو مونجهارو ٿئي ٿو؛ هن ٻين خاصيت ۾ هي لفظ ڳڻي سگهجن ٿا: ضعيفہ/ زائفان، محل/ مهل، سعيو/ سايو.
3. اهڙا عربي لفظ جن جي آوازن/ وينجنن مٽجڻ سان سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ مونجهارو نہ ٿو ٿئي؛ هن ٽين خاصيت ۾ هي لفظ ڳڻي سگهجن ٿا: بصل/ بصر، بقل/ بڪر، قفل/ ڪلف/ ڪرف، صبحاڻي/ سياڻي.

## عربي لفظن جي آوازن مٽڻ سان واسطيدار عربي لفظن جو مونجهارو:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عربي لفظن جي آوازن متجڻ سان هڪ ته اهو مونجهارو ٿئي ٿو ته واسطيدار عربي لفظ جي وزنن وارا، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ ٻيا لفظ مونجهاري جو سبب بڻجن ٿا، جيئن: ڪثر/ ڪسر. عربيءَ ۾ اهي ٻئي الڳ لفظ آهن ۽ انهن سان سلهاڙيل ٻيا لفظ پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم اچن ٿا. اهڙو ذڪر پوئين عنوان ۾ ٿي چڪو آهي.

ٻيا اهي لفظ آهن جن جي آوازن/ وينجنن متجڻ سان ڪنهن به قسم جو مونجهارو پيدا ڪونه ٿو ٿئي، جيئن: جثو/ جسو، سعيو/ سايو، ضعيفہ/ زائفان، محل/ مهل، بصل/ بصر.

هيءَ صورت اهڙي آهي جنهن ۾، جيڪڏهن لفظ جي ڪنهن به صورت کي، صورتخطيءَ جي خيال کان، متعيّن ڪيو وڃي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين عربي لفظن جي استعمال سان ڪنهن به نوعيت جي مونجهاري جو امڪان ڪونهي. ان حالت ۾ اختياريءَ وارن تي لازم ٿيندو آهي ته مختلف ماهرن/ استادن کان ڪي صورتون لکرائي ۽ هڪ مقرره ڪاميٽيءَ جي ذريعي، اپياس جي بنياد تي، ڪنهن هڪ صورت جو تعيّن ڪرائي.

## عربي لفظن جي آوازن متجڻ سان سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو مونجهارو:

اهڙا عربي لفظ جن جي آوازن متجڻ سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ ٻين عربي لفظن جي استعمال سان مونجهاري جو امڪان ته ڪونه ٿو رهي، پر ساڳي مٿا سٿا سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ عام رواجي لفظن ۾ مونجهاري جو امڪان رهي ٿو، ان حالت ۾ اهڙن لفظن کي ترجيحي صورت جو مزو چڪائڻ نامناسب آهي.

مٿين لفظن مان سعيو/ سايو، ضعيفہ/ زائفان ۽ محل/ مهل اهڙا لفظ آهن جن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين عربي لفظن جي استعمال سان ته مونجهارو ڪونه ٿو رهي، البت سنڌي ٻوليءَ ۾ معنوي فرق جي آڌار تي مونجهاري جي امڪان کي رد نه ٿو ڪري سگهجي؛ ڇاڪاڻ ته، ٻوليءَ ۾ لفظن جي هڪ لغوي يا سنئين سڌي معنيٰ هوندي آهي ۽ ٻي سماج جي قدرن سان سلهاڙجي عام رواجي معنيٰ جي روپ ۾ استعمال ٿيندي آهي.

## سنڌي سماجي ٻوليءَ ۾ عربي لفظن جي مٿيل صورت جو استعمال:

فرض ڪريو ته لفظ 'ٻئنش' جو بنياد 'بحث' مان آهي، 'ٻئنش' جي صورت هڪ بگاڙ واري ڄاتي ويندي آهي، پر اها به هڪ حقيقت آهي ته ان لفظ نه رڳو هڪ بگڙيل صورت اختيار ڪئي، پر ساڳئي وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ نرالي مراد پڻ جوڙي





ورتي. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو صاحب ان حوالي سان لکي ٿو: ”ٻوليءَ ۾ پنهنجائڻ ۽ پنهنجائپ جو جيڪو اصول ڪم ڪري ٿو، انهيءَ هت 'ٻئنش' لفظ کي اصل 'بحث' لفظ کان هڪ جدا معنيٰ ڏني آهي. اسان وٽ ٻئنش، هوڏ ۽ ضد کي ٿو چئجي. هاڻي جيڪڏهن اسان جا پڙهيل ماڻهو بحث کي سدائين 'ٻئنش' چوندا ته ٻوليءَ جو هڪڙو لفظ استعمال مان نڪري ۽ آخرڪار مري ويندو.“(2)

ائين ئي مذڪوره لفظن ۾ ضعيفہ ۽ زائفان ساڳئي لفظ جون ٻہ صورتون آهن، بنيادي طور 'ضعيفہ' بروزن 'فعيله' عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ 'زائفان' ان جي بگڙيل صورت!

لفظ 'ٻَئنش' جيان 'زائفان' پڻ ٻوليءَ جو حصو بڻجي چڪو آهي، ان صورت ۾ ان کي ختم ڪرڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ڪونهي، ان حالت ۾ اهڙي لفظ کي هنئين سان هنڊائڻ مجبوري ٿي پئي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ضعيفہ' ۽ 'زائفان' وارا لفظ هيٺيون معنائون رکن ٿا:

| ضعيفہ | زائفان |
|---|---|
| ڪمزور عورت/ ڇوڪري/ مؤنث | عورت |

ضعيف لفظ جو استعمال سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻو آهي، ايتري قدر جو اسان جي ٻار کي به آئيويٽا توڻي 'ٻاراڻي ڪتاب' ۾ 'ضواد' جو اکر 'ضعيف' جي تصور/ تصوير سان پڙهايو ويندو آهي. يعني ان تصوير ذريعي هڪ پوڙهي ۽ جُهور ماڻهوءَ کي لٺ جي ٽيڪ تي ڏيکارڻ سان ٻار کي اهو تصور ڏنو ويندو آهي ته 'ضعيف' جي مراد: جنهن ۾ هلڻ چلڻ يا ڪنهن ڪم ڪرڻ جي سگهہ نہ هجي. ان صورت ۾ 'ضعيفہ' مان مراد ڪا ڪمزور يا اگهي عورت يا ڇوڪري جيڪا هلڻ چلڻ يا ڪم ڪرڻ جي سگهہ نہ ساري سگهي.

البت ايترو ضرور آهي ته لفظ 'ضعيف' سنڌي ٻوليءَ ۾، ايتريقدر ته پنهنجائپ جو روپ وٺي چڪو آهي جو، اسين ان جي مؤنث يا مذڪر صورت سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق ڪم آڻيندا آهيون؛ جيئن:

| مذڪر (آخري سُر، پيش سان) | مؤنث (آخري سُر، زير سان) |
|---|---|
| ضعيفُ: اسلم ڏاڏو ضعيف ٿي ويو آهي. | ضعيفِ: سلمي ڏاڏي ضعيفِ ٿي وئي آهي. |

ٻئي صورت ۾ 'ضعيفہ' جو استعمال بہ رد ڪري نہ ٿو سگهجي؛ ڇاڪاڻ ته



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ ڪافي مؤنث لفظن جي آخر ۾ 'ه/ ة تانيث' به ڪم آندي ويندي آهي.

لفظ 'زائفان' آخري ڏگهي گهُٽي سُر جي اضافي سان، سنڌي ٻوليءَ جو لفظ بڻجي چڪو آهي، جيڪو بنيادي طور تي 'ضعيف' جو ئي بگاڙ آهي، پر اڄڪلهه سنڌي سماج ۾ 'صنف نازڪ' جي نعم البدل طور استعمال ٿي چڪو آهي، ان صورت ۾ ان لفظ کي رد نه ٿو ڪري سگهجي. موجوده حالتن ۾ ڪنهن به هڪ عورت لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو. لفظن جو اهو سفر سماجي حالتن ۽ قدرن سبب ٿيندو آهي: جيئن: خديجه > ڪتيجان، آمنه > ايمڻان وغيره.

گهڻو امڪان آهي ته عربي لفظ 'عورت' عربيءَ ۾ به ڪنهن زائفان/ مائيءَ لاءِ استعمال نه ٿيندو آهي، بلڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن به زائفان لاءِ ڪم آندو ويندو آهي. لفظ 'عورت' جي بنيادي معنيٰ 'اگهاڙپ' ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ زائفان لاءِ ڪم اچڻ، جي وچ وارو سفر به هڪ سماجي سببن واري ڪهاڻي آهي.

لفظ 'ضعيف' ۽ 'زائفان' سنڌي ٻوليءَ ۾ معنوي فرق سان ڪم اچن ٿا: ان حالت ۾ ٻنهي لفظن کي برقرار رکڻ ٻوليءَ جي گهرجن مطابق آهي. ساڳيو معاملو هيٺين لفظن جو آهي:

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| سعيو | (سعيٰ = هن ڪوشش ڪئي) ڪوشش، ارادو |
| سايو | ڇانو، ڇپر، آسرو، پرڇهلو |
| محل | جڳهه، عمارت، بادشاهي رهائش گاهه، |
| مهل | وقت، سمو، گهڙي |

مذڪوره لفظن ۾ 'محل' ۽ 'مهل' ترجيحي صورت ۾ ان لاءِ به رکيو ويو آهي، جو عربي لفظ 'محل' ۽ سنڌي لفظ 'مهل' جي معنيٰ ذري گهٽ ساڳي ملندڙ جلندڙ آهي، پر جيئن ته سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ 'محل' گهڻي قدر 'عمارت' يا 'شاهي رهائش گاهه' جي مفهوم ۾ ڪم آندو وڃي ٿو، ان لاءِ ڏاريو لفظ ٻن معنائن ۾ ڪم آڻڻ مشڪلات جو سبب بڻجي سگهي ٿو. هيٺ خيال خاطر عربي لفظ 'محل' جو اشتقاق ڏجي ٿو:

**مَحل:** [ مَحَلّ- اسم ظرف (حَلَّ = وقت جو پهچڻ)] هنڌ، ماڳ، لهڻ جو هنڌ.





'محلّ/ محلو'، 'بَرمحل' جهڙا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪجهه عالمن ڪم آندا آهن، پر عام طور 'عمارت' لاءِ ڪم اچڻ سبب، ان جو رخ ٻئي پاسي به ڪرڻ مونجهارن جو سبب بڻجي سگهي ٿو. بهرحال مٿين لفظن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ معنوي فرق جي آڌار تي، الڳ الڳ لفظ تصور ڪرڻ گهرجي.

## عربي لفظن جي آوازن مٽجڻ سان مونجهاري جو امڪان نه هجڻ:

هن گروهه ۾ اهڙا لفظ به اچن ٿا جن بابت ڪا مضبوط راءِ بيهي نه سگهي آهي ته اهي لفظ اصل عربيءَ جا آهن يا سنڌيءَ جا! جيئن: بصر/ بصل يا ثوم/ فوم وغيره، پر جيئن ته هت لفظن جي صورت تي اڀياس مقصود آهي، ان لاءِ ان دائري ۾ ئي ڪا راءِ جوڙي سگهبي.

عام طور تي عربي- فارسيءَ جي نسبت، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظ جي ڪنهن ويجهي آواز ۾ ڪو بدل ثئي ٿو ته عربي- فارسي ڄاڻندڙ عالمن ان کي 'غلط العام' جي اصطلاح سان رد ڪيو آهي، پر ڪن عالمن ان کي ٺيڪ ڄاتو آهي. هن حوالي سان حڪيم فتح محمد سيوهاڻي لکي ٿو: "جيڪڏهن عربي ۽ فارسي وغيره جا ڪي لفظ سنڌ ۾ گهر ڪري ويهڻ سبب صفا سنڌي ٿي ويا آهن، ته پوءِ ڀلي انهن کي سنڌي صورت ۾ ڇِتجي."[3]

بصل/ بصر، بقل/ بڪر لفظن مان سنڌي ٻوليءَ ۾ 'بصر' ۽ 'بڪر' ڪم آندو ويندو آهي. عام طور ننڍي ڪنڊ جي ٻولين جي لفظن جي متاستا ۾ به 'ل' ۽ 'ر' هڪٻئي جا بدل آواز (Allophone) آهن: هيٺ چند لفظن جا اشتقاق معلوم ڪرڻ بعد هڪٻئي جي 'بدل آواز' هجڻ جي جاچ ڪجي ٿي:

**نرمَل:** [ نِر = سواءِ، نه + مَلُ = مَرُ، مٽي] جنهن تي ڪا مَرُ يا مٽي نه هجي- مِير مٽيءَ کان پاڪ- صاف شفاف. (مَلُ/ مَرُ).

**نِبَل:** [ نِر = سواءِ، نه + ٻَل = ٻَرُ، ٻَر، طاقت، سگهه] ڪمزور- اگهو- ڏٻرو. (ٻَلُ/ ٻَرُ).

**ڏُٻرو:** [ ڏُ = خراب، بد + ٻَل = طاقت، ٻِرُ] ڪمزور- اٻرو- نبل. (ٻر/ ٻل)

ان ڪان سواءِ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن موجب ڪافي لفظ سامهون اچن ٿا، جن ۾ 'ل' ۽ 'ر' هڪٻئي جا بدل آواز ٿين ٿا: جيئن: ٻَل/ ٻر، قل/ قر، ڪلف/ ڪرف، ويل/ وير، اٿل/ اٿر، اجڙوال/ اجڙوار، البيلو/ اربيلو وغيره.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عام طور تي اهڙا لفظ جيڪي ننڍي ڪنڊ جي ٻولين ۾ يڪسان طور تي ڪم آندا ويندا آهن، انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق آوازن جي مٽ ٿيندي آهي. ’ل‘ جي بدران ’ر‘ جو استعمال، سنڌي ٻوليءَ جي اترادي لهجي- خاص طور سرائڪيءَ- سواءِ، عام آهي. ان صورت ۾ ’بصر‘ ۽ ’بڪر‘ کي قائم رکڻ جي راءِ رکجي ٿي.

## ڪلف/ ڪرف جو اڀياس:

هي لفظ عام طور بنيادي عربي ٻوليءَ جو ڄاتو ويندو آهي، جنهن جي اصل صورت ’قفل‘ آهي؛ جيڪو پوءِ ڪلف ۽ ڪرف/ ڪرق جي صورتن ۾ پئي ڦريو آهي. ڪنهن لفظ ۾ آوازن جي اڳتي پوئتي ڦرڻ واري ان انداز کي لسانيات ۾ ’تقليب‘ (Metathesis) جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي. هي لسانيات جو اصطلاح تڏهن عمل ۾ ايندو آهي، جڏهن ڪنهن ٻوليءَ جو لفظ ٻي ٻوليءَ ۾ پنهنجائپ واري جاءِ وٺندو آهي. مثلاً: عربي ٻوليءَ جو لفظ ’قفل‘ جڏهن پنهنجو سفر طئي ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيو ته ان پنهنجي اُٿل پُٿل واري صورت اختيار ڪري ’قلف‘ بڻجي ويو؛ ۽ ائين هلندي هلندي ’ڪلف‘ يا ’ڪرق‘/ ’ڪرف‘ جون صورتون اختيار ڪيائين.

پروفيسر علي نواز جتوئي ٻوليءَ جي ان اصطلاح کي زبان جي ڇُڪ ڄاڻائيندي لکي ٿو: ”ڇپَ جي غلطيءَ سببان ڪي آواز پاڻ ۾ جڳهه مٽيندا آهن، ان کي ’تقليب‘ (Metathesis) سڏبو آهي؛ جيئن: ’همراهه‘ مان ’هرماهه‘، ’پنجو‘ (پنج آڱرين وارو) مان’چنبو‘، ’بن1دوق‘ مان ’دنبوق‘، ’حسد‘ مان ’حدس‘، ’قفل‘ مان ’ڪلف‘ وغيره.“(4)

ڪلف ۽ ڪرف بابت راءِ بيهارڻ ائين آهي جيئن ’قفل‘ مان ’قلف‘ ۽ پوءِ ٻيون صورتون، جنهن لاءِ ڪنهن کي به رد ڪري نه ٿو سگهجي؛ ڇاڪاڻ ته، انهن صورتن سان ٻوليءَ جي اندرين يا ٻاهرين ٻولين جي آيل لفظن سان ڪو ٽڪراءُ نه ٿو ٿئي.

’ڪلف ۽ ڪرف‘ جي صورتن ۾ ’ڪرف‘ واري صورت وچولي ۾ عام آهي؛ جئين ’البيلو‘ کان ’اربيلو‘ کي وڌيڪ ترجيح ڏني ويندي آهي. جيڪڏهن وچولي جي ڳالهائجندڙ ٻوليءَ کي اهميت ڏيڻي آهي ته ان حالت ۾ ’ڪرف‘ واري صورت ٺيڪ آهي، پر جيڪڏهن مروّج ڪتابي صورت کي اهميت ڏيڻي آهي ته ان حالت ۾ ’ڪلف‘ تي اڪتفا ڪرڻو پوندو. بهرحال هيٺ ترجيحي صورت لاءِ راءِ رکجي ٿي:





| مختلف لفظ | ترجيحي صورت |
| --- | --- |
| ڪلف/ ڪرف | ڪرف |

## ڦل/ ڦر ۾ ’ر‘ جي بدل آواز جو اڀياس:

’ڦل/ ڦر‘ مان عام طور وچولي لهجي ۾ ’ڦر‘ لفظ گهڻو ڪم آندو ويندو آهي، پر ساڳئي وقت هنن لفظ جي استعمال ۾ ڪنهن حد تي معنوي فرق به محسوس ڪيو ويو آهي.

| ڦل | ڦر |
| --- | --- |
| ڦل: هن لفظ جي بنيادي معنيٰ ته ميوو يا تخم ئي ورتي ويندي آهي، پر عام طور ’تخم‘ جي معنيٰ ۾ گهٽ ورتو ويندو آهي. | ڦر: هن لفظ جي به بنيادي معنيٰ ساڳي آهي، پر ميوي يا تخم جي معنيٰ ۾ عام طور ڪونه ورتو ويندو آهي، بلڪ انسان يا جانور جي اولاد واري معنيٰ ۾ عام ورتو ويندو آهي. |

مٿين وضاحت کان پوءِ انهن لفظن مان ڪنهن هڪ کي رد ڪرڻ مناسب ناهي.

مٿيان ٻئي لفظ 1913ع ۾ ٻنهي صورتن ۾ لکڻ جي سفارش ڪئي وئي هئي. 1913ع ۾ ٻنهي صورتن ۾ لکڻ کي مباح قرار ڏيڻ جو مقصد لهجاتي استعمال کي اهميت ڏيڻ هو؛ جڏهن ته ٻوليءَ تي مختلف سماجن جي اثر کان اڄڪلهه معنوي فرق طور آڏو اچن ٿا.

## حوالا


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ’سنڌي صورتخطي‘، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،حيدرآباد، 1993ع، ص: 133-135.
2. ٻوهيو، الهه داد، ’ٻولي ۽ ٻار‘، ايڊيٽر: گرامي، غلام محمد، *مهراڻ*: سنڌي ادبي بورڊ،حيدرآباد، 1972ع، ص: 172.
3. سيوهاڻي، فتح محمد، حڪيم، ’آفتاب ادب‘، سنڌي ادبي بورڊ،حيدرآباد، 1983ع، ص: 81.
4. جتوئي، علي نواز، پروفيسر، ’علم لسان ۽ سنڌي زبان‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،ڄامشورو، 1996ع، ص: 151.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair